# سڄو مان..... ايمان

سنڌوءَ جون وڏيون وڏيون اکيون جڻ کنهن ناٽڪ جلپہ وڏا کليل رنگ منچ آهن. ناٽڪ جو سندس زندگي ۾ هليو آهي. سوبس سندس کردارعي کري سگهيو آهي. سمجهہ جو اٿاهہ درياءُ ترندو پيو اچي هنن اکين ۾. پر زندگي سندسبلکلعيبي سمجهيءَ جو شاهي منظر هئي هاڻ تہ ليئن پيو لڳي هي سنڌوءَ جون اکڙيون اهي چوپٽ کليل نماٽا دروازا آهن جن جي اندران سڀ ڪجهہ ڪوئي چورئي ويو آهي....

چوڻ لڳي- ديدي خبر ناهي کهڙو کيل کيليو آهي قدرت مون سان، هاڻي جڏهن پک ٿي ويئي اٿم، تہ هن آپريشن مان مرڻ واريئي آهيان تڏهن اچي اجئي آس لڳي اٿم تہ منهنجو هڪوار ارون سان مکاميلو ٿئي..."

مان چپ.

سندس اکين جيبن مهاساگرن ۾ اندوئين اوپار کان کٺي کيڏا فوٽ اوچي وير اٿي... هن چپن کي پيڙي ان وير جو مقابلو کيو.....

اکيون اگهي چيئين- ديدي توهين پکئي پک من ۾ مون تي کلندا هوندا.

سنڌوءَ جي ڳالهہ تي کل تہ اچڻ کپندي هئي، پلا جڏهن مرڻ واريئي هئي تڏهن ارون سان ملڻ مان فئدو؟ ارون تہ پنهنجو گهر وسئي زندگيءَ جا اڳيان سيبات پلاڻي، هڪ وڏو ماڻهو ٿيو وينو آهي....

مون سندس 23 ورهين جي جوانيءَ واري شڪل ياد ڪئيءِ ٻرٻلر ڪافي سندر هئي سنتو. للبتمبدن جي ڳوري ان وقتبہ هئي.

”ديدي. ارون سالن جا سال مون سان گڏ گهميو هو. پوءِبہ شاديءَ جي ڪين موقعي تي ملئين لکي موڪليڪين؟ ڇا هن منهنجي من کي پرکيوئي ڪين هو؟.... مون تہ ملئڻ جا لک ويڻ سهيبہ کيس ساٿ ڏيڻ جو پڪو واعدو ڪيو هو. پوءِبہ اچي اچي وچ ساگر ۾ ونجهہ ڦٽا ڪري مون کيٻيڙيءَ سوڌو ساگر ۾ ڏيڪيلي ڦٽو ڪيڪين....“

”پاڻبہ تہٻيڙيءَ ۾ توسان گڏ هو....“

”پاڻ تارو نڪتو. تري پار ويو. مانٻڏي ويسٻڏيبہ اهڙو آهيان جو اندر ۾ ڪناٽار پاڻي پرجي ويو اٿم مگر ڪنهن اس ۾ اجان تلئين پيئي جيئڻ لاءِ ٽاڦوڙا هڻا. هڪ وار صرف هڪ وار ارون مون کي اچي چوي ”سنتو مون توکيٻرباد ڪري ڇڏيو. تنهنجو ڪوبہ ڏوهہ ڪين هو....“

مون ٿڌو ساهہ کنيو. من ۾ چيم ”پاڻ کيٻي ڏوهي سمجهڻ جي ڪهڙي عجيب اڇا آهي انساني من اندر.

سنتوءَ چيو. ”مون کي تہ سندس دوست جي جوءِ ليئن چيو تہ ارون شايد هاڻي خراب پاسي وجڻ شروع ڪيو آهي. پر مون کيس چيو. هن جو ڏوهہ ناهي جوان آهي... پر آتما سندس مون سان آهي من تہ سندس مون وٽ آهي....“

”ديدي ننڍي ڀيڻ جي جوابداري تہ مون تي ئي هئي، ماءُ پيءُ جو سويلئي گذاري ويا ۽ مان ڪمائڻ لڳي هئس تہ ڀيڻ کي وڏو ڪري شادي ڪرائڻ منهنجوئي فرض هو. ليڪن منهنجي وهي ڪجهہ چڙهيئي چڪي هئي...“

”ڪاش“ مون ڪان نڪري ويو، ”ملڪ ۾ اهڙو راج هجي جو مائٽن يا ڀائرن ڀينرن کي پالڻ لاءِ نياڻين جي وهي نہ قربان ڪرڻي پوي...“

”شايد عمر چڙهڻ جي ويچار سببئي مون جڻ ڊڪندڙ ريل جي زنجير ۾ ڪٽيهبئي هٿ وڌا... گاڏي تہ اسٽيشن تي بيهي پر اهڙيءَ اسٽيشن تي جيڪا بلڪل ئي سنسان هئي. سچ تہ اها اسٽيشن نہ هئي. مان تہ فقط ڏاجي جي بئگ ڪري پوڻ جو ڀهانو ڪري هن ويرانيءَ ۾ لهي پيئي هئس...

ارون تہ خط لکي شاديءَ جو ٺيڪر ڊاهي ڦٽو ڪيو هو اهڙي وقت مون ضمد ۾ اچي ظاهر ڪيو ”ڪهڙوبہ ڇوڪرو هجي لولو، لنگڙو، ڪاڻو مگر منهنجي ڀيڻ کي رهائڻ جي جوابداري کڻي تہ مان ان سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان...“

مان ان سندر سنڌوءَ جي اهڙي طوفاني جذبات جو حال ٻڌي اکيون ڦاڙي ڪيس ڏسڻ لڳيس. منهنجي دل جي دڪ دڪ تيز ٿي ويئي. مون ڇيو ”پوءِ؟“

”پوءِ... منهنجي ساهيڙيءَ جوبلڪل ئي ڪارو ڪلوٽو ڏير ميدان ۾ لهي آيو ۽ مون هڪدم ها ڪري ڇڏي...“

نہ پرش جانيءَ جي اها داداگيري ڇا هن کي ڪنور نہ ڪندي؟.... مگر اڄ سوچان ٿي: ڪاش. ان مهل ان وڻ هيٺ سندس پير ۾ وجي ويهان ها. ڪيس چوان ها ڪرشن. راڌا پير ۾ اٿيئي، ڪا اهڙي ڀبين وڃاءِ جو غرور ڪان وياڪل منهنجو من تي پوي ٿڌو... تنهنجي چنيءَ سبب تنهنجي پيار ۾ شڪ اچي ويو آهي مون کي.... ڪيڏيءَ دلدل ۾ ڦاسجي ويئي آهيان.... ان مهل شايد هو تيليڀاري منهنجي هٿ ۾ جهليل، منهنجي ڪوڙيءَ ۾ڀي ڊنگيءَ شاديءَ جا ڪارڊ، سڀ جلائي ڦٽا ڪري ها... چوي ها ”سنڌو. جڏهن شوپارپتيءَ جي مندر ۾ مورتين جا هار لاهي، لڪلئي لڪلئي هڪبئي کي پيئي، خوب ڪليا هئاسين.... تڏهن ڇا شادي نہ ٿي هئي اسان جي؟“

سندس انهن لفظن منهنجي من ۾ هلچل تہ پيدا ڪئي مگر مان شانت ويٺي رهيس. ”مگر ديدي ان مهل مون ڪجهہ نہ ڪيو. هو وڻ هيٺ ويٺو رهيو مان پنهنجي نرادار جو دک چيننديءَ هلي آيس.... ڏرمونءَ سان شادي ٿيڻ ڪان هڪ ڏينهن اڳ، ارون جا دوست منهنجي گهر ۾ يا. چيائون ارون تتي پيو آهي سنڌو، اسين سندس دک ڏسي نٿا سگهون....

مون چيو. ”پوءِ هاڻي ڇا ٿيندو؟“

توکي پيچلئي ويندا سين شاديءَ جي منڊپ مانہہ...“

غصو منهنجي ڪاپار ۾ چڙهي ويو. مون چيو. توهين ڇا سنڌو نگر ۾ رهندي اهو وساري وينا آهيو تہ توهين سنڌي آهيو، غنڊا ناهيو... هاڻي انهيءَ غنڊا گرديءَ تي لهي آيا آهيو.“

”تون ڪجهہ چئہ، اسين نہ ڇڏيندا سين توکي....“

”چو پوليس کانهي چا هن ملڪ ۾؟...“ ”ديدي ليئن ڌمڪيون ڏيئي سندس دوستن کي هٽائي ڇڏيم.“

”سنڌو تو ليئن چو ڪيو. تنهنجي ارون جڏهن اتاهه دک پوڳيو هوندو تڏهن وڃي سندس دوست ايڏو قدم کڻڻ لاءِ تيار ٿيا هوندا... اهو تو چو نہ سوچيو.“

”مگر ديدي. مان بلڪل انڌي هئس. پنهنجو پاڻ سان ڪوڙي ٿي پيس. مون چيو، مان هڪ پيرو ارون منهنجي دل تان ڪريو سو ڪريو. هاڻ نہ ٿي سگهندو ڪجهہ..... ۾ مان جڻ روشنيءَ طرف اکيون بند ڪري پري ڪنهن اونداهي جهنگل طرف نڪري پيس. شاديءَ جي سهاڳ سيج ۾ منهنجن ڪنن ٻڌو- ڏس سنڌو تون اجايو شرم نہ ڪر تون تہ منهنجي زال آهين. مون پنهنجي پاڻ کيءَ کيئي نہ ڇڏيو سو توکي چا ڇڏي ڏيندس. آ.... آ.... ديدي جهڪ ناچڻي وجهي گل چنبڙايو ويو منهنجي سيني مٿان.... منهنجو ارون هو پوتر جل ۾ هي ڏرمون؟.... پوءِ تہ ڏيرمونءَ جي اڌ رمي ويچارن جا کهڙا داستان ٻڌايان توهان کي. ڪيئن نباڳيون منهنجي شاديءَ کان اڳ ٻئي ساڻس کيل ڪنديون رهيون هيون....“

”وري اٿلي پيو آهي نہ تنهنجو من. سنڌو. روءِ نہ. جو بيت گئي سو بيت گئي.“

نہ ديدي ڏاڍو گهڻو سوچيو اٿم، پر من هڪ ضد تي چڙهي بيٺو آهي. صرف هڪ پيرو مان مرڻ کان اڳ کيس ڏسان....“

ديديءَ چيو ”توکي فقط پريان سندس شڪل ڏيکاريان تہ ڪيئن؟“

”نہ ديدي“ سنڌوءَ ديديءَ جلبئي هٿ جهلي نيزاري ڪئي، ”پهرين سندس من تان مون لاءِ ميل لاهي ڏي. هو مون کيڻئي ڏوهي ٿو سمجهي. منهنجين ساهيڙين کي هميشہ ليڻنڻي چوندو رهيو آهي تہ سنڌو کي موٽرون گاڏيون کپنديون هيون... مگر مان سچ ٿي چوان، ڪئين اصل ڪين هو. هي فقط سندس ۽ منهنجي وچ ۾ ڪوڙي سڻو مان جو ٺڪر هو هن کي ايمان هو پنهنجي قلبت جو ۽ مون کي ايمان هو پنهنجي درجي جو. پنهنجو خريد ڪيل گهر، سٺي نوڪري سٺو فرنيچر شاندار مٿ مڪٿ، پلي ماءُ پيءُ نہ هئم پر ڏاڏاڻا ناناڻا اميرمہ هئا تہ پچندلہ هئا...“

ڊگهو ساهہ کنيو ديديءَ.

”هڪڙو ديدي توهان هيءَ آهہ شاد ان ڪري پري جو ايمان کي سومان سمجهي اسان پريت جو ناتو نہ نڀايو...“

ديديءَ چيو، ”سنڌو، مگر پريت جو ناتو اڄہ تجہ نٽي نبڪڻ چاهين“

ديدي ليڪن هجي تہ آخري گهريءَ ۾ ساڻس ملڻ لاءِ چو تڙقان ها“

”سنڌو تو هن سان شادي نہ ڪئي ساهيڙي تہ رهئينءَ. هن شادي ڪئي، هيڏو سارو پٽ اٿس. هر سکي منهنجي جيوت گذاري رهيو آهي. تون کيس آخري پلن مهل ملي سندس من تان ايمان کي سومان سمجهڻ جو پردو هٽڻي کيس پنهنجي پيار جو چنڊ اجلو ڪري ڏيکارڻ ٿي چاهين. نتيجو ڇا نڪرندو؟“

”ڪهڙو نڪرندو نتيجو ديدي. ماڻهُن نہ هونديس تہ منهنجو ڇا رهندو، جو سندس سڪي جيوت ۾ رخنو وجهندو؟“

”مني تون نٿي سمجهين. ٿي سگهي ٿو هن ياونا پرڻي شخص کي تنهنجي سڪي پريم جي ياد تڙڦائڻ شروع ڪري ڇڏي نہ.

”ديدي. تڏهن ڇا لاءِ ڀاري رکي هئم هيءَ آس جي لاٽ؟“

ديديءَ ڏنو سنڌوءَ ڪنڌ هڪ طرف لاڙي ڇڏيو هو. سندس اکين وٽ پاڻيءَ جا ڦڙا چمڪي رهيا هئا. ديدي اٿڻ لڳي تہ ڏٺائين سندس ساڙهيءَ جو پلئہ سنڌوءَ جي هٿن ۾ پڪڙيل هو. روئي چيو سنڌوءَ، ”تڏهن ديدي هي غلط فهمي ماڻهُن جهان ۾ڀہ پاڻ سان گڏ کڻي وڃان.“

ديديءَ سنڌوءَ جي مٿي تي هٿ رکي چيو، ”هن غلط فهميءَ جي .... اگر سندس پنهنجي زال لاءِ ارون وجي هلي تہ؟ پٺ کي ڌ ڪارڻ لڳي تہ....؟“

”او نہ.... او نہ.... ڌرمونءَ هميشہ منهنجي پٺ کي ڌ ڪاريو. وري وري چوندو هوم هي پٺ منهنجو نہ ارون جو هوندو..... ديدي ڪهڙا آهن هي مرد. هئو مون کي تڏهن ارون جي غلط فهمي قبول آهي... مرڻي تہ هونئي آهيان ڪئنسر ڪنهن کي پلا ڇڏيوڀہ آهي.... تہ پڇوءِ سندس گهر ۾ ڦوٽ وجهان....“

ديديءَ ڏٺو نيڪيءَ پرڻي پرڪاش سان سنڌوءَ جو منهنڀهڪي پيو هو. ديديءَ ذرا جهڪي سنڌوءَ جي نراڙي چمي ورتي ۽ اٿي ڌيري ڌيري هلي ويئي. هن پيري سنڌوءَ

سندس پلئه کي هٿن مان خوشيءَ خوشيءَ گسڪڻ ڏنو ۽ گسڪي آيو سندس ڪنڌ
وهاڻي تان